# سنڌ ۾ گهريلو تشدد کي روڪڻ ۽ تحفظ جو قانون 2013ع




SPO
Strengthening Participatory Organization
ادارہ استحکام شرکتی ترقی

Trōcaire

Australian Aid

Australian Government

## مُک نقطا

❖ هن قانون تحت "متاثر /ڏکويل فرد" مان مراد ڪا عورت، ٻار يا ڪو اهڙو ڪمزور ۽ لاچار فرد آهي جنهن جو جوابدار سان ڪو گهريلو رشتو يا ناتو هجي ۽ جنهن جوابدار پاران گهريلو تشدد جي ڪنهن عمل جو نشانو بڻجڻ جو الزام مڙهيو هجي. "ٻار" مان مراد ارڙهن سالن کان گهٽ ڄمار جو ڪو فرد جيڪو جوابدار سان گهريلو ناتي ۾ هجي، ان ۾ هنج ورتل، ماٽيلو يا سنڀال هيٺ ٻار به شامل آهي. "متي مائٽي وارو رشتو" مان مراد انهن فردن وچ ۾ ڪو تعلق آهي جيڪي هن مهل يا ڪنهن به وقت رت جي رشتي، شادي، مٽ مائٽ، هنج وٺڻ يا خاندان جي ڪنهن ڀاتيءَ طور گڏ رهن يا رهيا هجن. "ڪمزور ۽ هيٺا شخص" مان مراد اهڙا شخص آهن جيڪي پوڙهائپ، ذهني بيماري ۽ جسماني معذوري جي سبب هيٺا هجن .

❖ "گهريلو تشدد" ۾ ڪنهن جوابدار جي پاران عورتن، ٻارن يا ٻين هيٺن فردن جي خلاف صنفي بنياد تي جسماني يا نفسياتي ڏاڍائيون شامل آهن تنهن هوندي اهي صرف انهن تائين ئي محدود نه هونديون .هيٺ ڏنل عمل به گهريلو تشدد ۾ شامل آهن:

- ڌوهه ڪي همٿائڻ
- حملو
- ڌوهن واري طاقت/ڌوهاري هجڻ جي سگهه
- ڌوهاري هجڻ جو خوف ڏيارڻ
- جذباتي، نفسياتي ۽ زباني تشدد
- ڏاڍائي جي شڪار فرد سان مخاطب ٿيڻ ان جي آزادي، ساک ۽ تحفظ تي نامناسب انداز ۾ مداخلت
- بي عزتي يا ٽوڪ ڪرڻ
- جسماني تڪليف پهچائڻ جي ڌمڪي
- پريشان ڪندڙ ڪيس جي ڌمڪي
- شريڪ حيات تي بداخلاق هجڻ جو الزام لڳائڻ
- طلاق ڏيڻ جي ڌمڪي
- بي بنياد طور تي چري هجڻ جو الزام هڻڻ يا ٻيهر شادي ڪرڻ جي ارادي سان شريڪ حيات جي باري ۾ بانجهه هجڻ جي من گهڙت ڳالهه ڪرڻ
- گڏيل گهراڻي جي ڪنهن شخص پاران عورت جي ڪردار تي غلط الزام مڙهڻ
- ڏکويل فرد کي سوچيل سمجهيل منصوبي هيٺ يا لاپرواهيءَ سان سماجي طور تي جدا ڪرڻ
- هيسائڻ /ڊيڄارڻ
- ايذاءُ پهچائڻ
- دوکو ڏيڻ
- جسماني تشدد
- پيڇو ڪرڻ
- ڏکويل فرد سان ان جي مرضي کانسواءِ رابطو ڪرڻ
- ان عمارت يا جڳهه کي تارڻ يا ان جي ٻاهران يا ويجهو چڪر لڳائڻ جتي ڏکويل فرد رهندو هجي، ڪم ڪندو هجي يا گهڻو ايندو هجي

❖ "جنسي ڏاڍائي" ۾ جنسي نوعيت جو ڪوبه اهڙو عمل شامل آهي جنهن جي ذريعي ڏکويل فرد سان زيادتي ڪئي وڃي، بي عزت ڪيو وڃي يا ڪنهن ٻي طرح سان ان جي شان شوڪت کي نقصان پهچايو وڃي .

❖ "معاشي زيادتي"۾ ڏکويل فرد کي ان جي جائز وسيلن تائين لاڳيتو پهچ کان محروم ڪرڻ، جهلڻ يا رڪاوٽ وجهڻ يا ڪيس معاشي يا مالي وسيلن کان محروم ڪرڻ شامل آهي.

## شڪايت داخل ڪرائڻ جو طريقو

❖ حفاظتي آفيسر کي ڄاڻ فراهم ڪرڻ .ڪوبه شخص جنهن وٽ اهو يقين ڪرڻ جو سبب موجود هجي ته گهريلو تشدد جو ڪو واقعو پيش آيو آهي، يا اچي رهيو آهي يا اچي سگهي ٿو ته اهو اها ڄاڻ زباني يا لکت جي صورت ۾ علائقي جي حفاظتي آفيسر کي فراهم ڪري سگهي ٿو . حفاظتي آفيسر داخل ڪيل معلومات جي هڪ ڪاپي ترت ۽ مفت معلومات فراهم ڪرڻ واري فرد کي ڏيندو .

❖ گهريلو تشدد جي واقعي جي رپورٽ .گهريلو تشدد جي ڪابه شڪايت موصول ٿيڻ تي، حفاظتي آفيسر فارم ۾ ان جي داخلا ڪندو ۽ مئجسٽريٽ کي پيش ڪندو جڏهن ته ان جي ڪاپي جتي اهڙي قسم جو واقعو پيش آيوآهي ان جڳهه جي ٿاڻي جي انچارج ڏانهن پڻ اماڻيندو .

❖ مئجسٽريٽ کي پٽيشن پيش ڪرڻ .ڏکويل /متاثر فرد لکت ۾ هڪ پٽيشن تيار ڪندو ۽ اها لاڳاپيل مئجسٽريٽ کي پيش ڪندو .پٽيشن تيار ڪرڻ لاءِ ڏکويل /متاثر فرد حفاظتي آفيسر جي مدد حاصل ڪري سگهي ٿو .

❖ هنگامي / اوچتي صورتحال ۾ کنيا ويندڙ قدم . جيڪڏهن حفاظتي آفيسر ڏکويل /متاثر شخص يا قبوليت جوڳي معلومات رکندڙ ڪنهن ٻئي شخص کان اي ميل، ٽيلي فون يا رابطي جي ڪنهن ٻئي ذريعي سان ڄاڻ حاصل ڪري ٿو ته گهريلو تشدد جو ڪو واقعو پيش اچي رهيو آهي يا اچي سگهي ٿو ته اهڙي هنگامي صورتحال ۾ حفاظتي آفيسر فوري طور تي پوليس جي مدد حاصل ڪندو جيڪا حفاظتي آفيسر سان گڏ واقعي واري جڳهه تي پهچندي ۽ ان واقعي کي داخل ڪري قانون هيٺ مناسب حڪم حاصل ڪرڻ جي لاءِ مئجسٽريٽ آڏو ان جا تفصيل پيش ڪندو .

## طريقو ۽ عدالتي اختيار

❖ ڏکويل /متاثر فرد يا ان جي پاران بااختيار ڪوئي فرد يا ڄاڻ فراهم ڪرڻ وارو ڪوئي شخص عدالت جي آڏو پٽيشن داخل ڪري سگهي ٿو .عدالت پهرين ٻڌڻي جي تاريخ طئي ڪندي جيڪا عدالت کي پٽيشن موصول ٿيڻ جي ستن ڏينهن جي اندر ٿيندي .ڪنهن متاثر فرد جي پاران پٽيشن وصول ٿيڻ تي، عدالت عبوري حڪم جاري ڪندي يا ان کانسواءِ مدعا عليه کي نوٽيس ملڻ جي ستن ڏينهن جي اندر سبب بيان ڪرڻ جو نوٽيس جاري ڪندي ته پٽيشن ۾ لڳايل الزامن جي بنياد تي ان جي خلاف گهريلو تشدد ڪرڻ تي حراست ۾ وٺڻ جو حڪم ڇونه جاري ڪيو وڃي .

❖ عدالت ان قانون جي هيٺ ٻڌڻي جي دوران ڪنهن به مرحلي تي، جوابدار يا جيڪڏهن ضروري هجي ته متاثر فرد کي ڪنهن به لاڳاپيل خدمتون فراهم ڪندڙ تنظيم يا اداري سان لازمي مشورو ڪرڻ لاءِ چئي سگهي ٿي .

❖ هن قانون تحت متاثر فرد کي ان جي مرضي کانسواءِ گهر /خاندان کان بيدخل نه ڪيو ويندو، ڇو نه ان ۾ جوابدار کي ڪو حق، سند يا مفاد حاصل هجي يا نه .

❖ هن قانون تحت ڪنهن به ڪارروائي جي دوران عدالت پٽيشن جي ڪنهن به مرحلي ۽ وقت تي مناسب سمجهندڙ ڪوئي به عبوري حڪم جاري ڪري سگهي ٿي .

❖ جيڪڏهن عدالت مطمئن ٿي وڃي ته گهريلو تشدد ٿيو آهي ته متاثر فرد جي حق ۾ حفاظتي حڪم جاري ڪري جوابدار کي گهريلو تشدد جي عمل کان روڪي سگهي ٿي .عدالت پنهنجي حاصل اختيارن هيٺ ٿاڻي جي انچارج کي حفاظتي حڪم نامي تي عملدرآمد ۾ مدد لاءِ هدايتون جاري ڪري سگهي ٿي .

❖ عدالت متاثر فرد پاران داخل ڪرايل پٽيشن جي ٻڌڻي دوران ڪنهن به مرحلي تي متاثر فرد کي پهتل نقصان ۽ ان جي پاران ڪيل خرچن جي پورائي ۽ ادائيگين جي لاءِ عارضي حڪم جاري ڪري سگهي ٿي .

❖ هن قانون جي تحت جاري ڪيل ڪوبه عارضي /حفاظتي حڪم برقرار رهندو جيستائين متاثر فرد پاڻ ان حڪم کي ختم ڪرڻ جي لاءِ درخواست نه ڏي .

❖ مدعا عليه پاران حفاظتي حڪم يا عارضي حڪم جي ڀڃڪڙي ڏوهه سمجهيو ويندو جنهن لاءِ وڌ کان وڌ هڪ سال قيد يا 20 هزار روپيا ڏنڊ يا ٻئي تي سگهن ٿا .

❖ هن قانون تحت جوڙيل حفاظتي ڪميٽي متاثر فرد کي هن ايڪٽ ۽ لاڳو ٻين قانونن هيٺ حاصل حقن ۽ ازالي کان آگاهه ڪندي ۽ ان باري ۾ گهربل مدد فراهم ڪندي .هن قانون جي مقصدن لاءِ مقرر ڪيل حفاظتي آفيسر گهريلو تشدد جي ڪابه شڪايت موصول ٿيڻ تي حفاظتي ڪميٽي لاءِ طئي ٿيل انداز ۾ هڪ رپورٽ تيار ڪندو ۽ اها مذڪوره حفاظتي ڪميٽي ۽ ان علائقي جي خدمتون فراهم ڪندڙ سرڪاري عملدار کي ڏيندو .